# قرآن

# فرق كندڙ كتاب

خطاب لاجواب

حجة الاسلام والمسلمين، امام اهلسنت، قائدِ اهلسنت، شهيد ابن شهيد، تصوير بخاريؒ، مناظره اسلام حضرت مولانا حافظ

علامه علي شير حيدري شهيد نورالله مرقدهٗ

**ڪتاب جو نالو:** قرآن فرق ڪندڙ ڪتاب

**بيان:** حضرت علامہ علي شير حيدري رحمۃ اللہ عليہ

**بيان جو هنڌ:** جامع مسجد علي المرتضيٰ رضي اللہ عنہ، تنيا بقا شاهہ، تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز سنڌ.

**بيان جي تاريخ:** ٢٠ فيبروري ٢٠٠٩ع، بمطابق ٢٤ صفرالمظفر سنہ١٤٣٠ھ بروز جمعة المبارڪ

**انتخاب:** مولانا طفيل احمد عثماني

**مرتب:** حافظ عبدالرشيد ڦل

**ڪمپوزنگ:** خادم اهلسنت سيد ارشد علي شاهہ بخاري

**اشاعت نمبر:** اوّل

**تعداد:** ١٠٠٠

**ناشر:** مدرسہ عمر فاروق رضي اللہ عنہ - پريو تنيو، تنيا بقا شاهہ

## ملڻ جا هنڌ:

مدرسہ جامعہ عمر فاروق رضي اللہ عنہ، پريو تنيو. تنيا بقا شاهہ، تعلقو ڪنڊيارو، ضلع نوشهرو فيروز سنڌ.-03003948194

مڪتبہ عمر فاروق رضي اللہ عنہ ڦل شهر، نوشهرو فيروز. 0300-2983562

جامع مسجد الفردوس شاهي بازار نوشهرو فيروز 0300-2526171

مدرسہ جامعہ حماديہ هاءِ وي روڊ هالاڻي. 0301-2215016

# پہ اکر

الحمدللّٰه. اللّٰه پاڪ پنهنجو خاص فضل ۽ ڪرم فرمايو هيڏي وڏي سعادت جو ڪم مون عاجز کان سرانجام ڏياريو.سائين طفيل احمد عثماني صاحب جن جي حڪم ۽ سهڪار سان هي ڪم پاءِ تڪميل تي پهتو.اسان جي ڪوشش آهي تہ سائين حيدري شهيد رحمۃ اللہ علیہ جن جي خصوصاً ڀهراڙين ۾ ڪيل تقريرن کي تحريري صورت ڏجي جيئن عام توڙي خاص سائينؒ جن جي بيانن مان مستفيض ٿي سگهن. ۽ قيمتي مواد ضايع ٿيڻ کان بچائجي.

اللّٰه سائين اسانجي هن محنت کي قبوليت جو شرف بخشي ۽ ذخيره آخرت بڻائي. آمين. اللّٰه سائين اسان سڀني جو حامي ۽ ناصر

ابوالفاروق عبدالرشيد فاروقي

الحمد لله نحمده ونستعينه ونستغفره ونؤمن به ونتوكل عليه ونعوذ بالله من شرور انفسنا ومن سيئات اعمالنا من يهده الله فلا مضلل ومن يضلله فلا هادی له۔ نشهد ان لا اله الا الله وحده لاشريك له نشهد ان سيدنا ومولانا محمدًا عبده ورسوله۔ صلی الله تعالىٰ عليه وعلىٰ اٰله وصحبه وبارك وسلم۔ اما بعد فاعوذ بالله من الشيطٰن الرجيم۔

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۔ تَبٰرَكَ الَّذِىۡ نَزَّلَ الۡفُرۡقَانَ عَلٰى عَبۡدِهٖ لِيَكُوۡنَ
لِلۡعٰلَمِيۡنَ نَذِيۡرَا ۙ ﴿١﴾ ۨالَّذِىۡ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَلَمۡ يَتَّخِذۡ وَلَدًا وَّلَمۡ
يَكُنۡ لَّهٗ شَرِيۡكٌ فِى الۡمُلۡكِ وَخَلَقَ كُلَّ شَىۡءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقۡدِيۡرًا ﴿٢﴾ وَاتَّخَذُوۡا مِنۡ
دُوۡنِهٖۤ اٰلِهَةً لَّا يَخۡلُقُوۡنَ شَيۡـًٔا وَّهُمۡ يُخۡلَقُوۡنَ وَلَا يَمۡلِكُوۡنَ لِاَنۡفُسِهِمۡ ضَرًّا وَّلَا
نَفۡعًا وَّلَا يَمۡلِكُوۡنَ مَوۡتًا وَّلَا حَيٰوةً وَّلَا نُشُوۡرًا ﴿٣﴾

اللهم صلی علیٰ سيدنا ومولٰنا محمدٍ عبدك ورسولك ونبيك وحبك وحبيبك وصفيك وخليلك صلٰوة دائمة بدوام ملكك وباقية ببقاءِ ملكك عدد خلقك ورضا نفسك ومداد كلماتك وزنت عرشك لا منتهالها دون علمك وكذالك علیٰ جميع الانبياء والمرسلين وعلى الملائكة المقربين وعلیٰ عبادك الصالحين اجمعين وبارك وسلم۔

منهنجا عزيز دوستو بزرگو پيارو تنيا بقا شاهه ۾ آس پاس جا آيل غيرتمند مسلمانو! الله تعاليٰ جي فضل وڪرم سان هن مدرسي جو فيض توهان جي سامهون اچڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ الله تعاليٰ جي فضل وڪرم سان هن نينگر جي دستاربندي ٿي. جنهن قرآن پاڪ ياد ڪيو آهي الله تعاليٰ سيني مسلمانن جي ٻچن کي اها

دولت نصيب فرمائي ۽ هن مدرسي کي اڃا ترقي نصيب فرمائي. آباد ڪرڻ وارن جي گهرن کي آباد رکي. جيڪي ماڻهو جنهن به نموني سان هن مدرسي سان تعاون ڪن ٿا قرآن پاڪ جي تعليم لاءِ ديني تعليم لاءِ الله تعاليٰ انهن جي ان محنت کي محبت کي قرباني کي قبول فرمائي ۽ سڀني مدرسن جي، ديني مرڪزن جي، مسجدن جي، جماعتن جي الله تعاليٰ حفاظت فرمائي، خدمت ڪرڻ وارن جي خدمت کي قبول فرمائي. دنيا آخرت جون ڀلايون نصيب فرمائي. (آمين)

## قرآن ڪريم قيمتي خزانو

قرآن پاڪ ڀاڳ وارن کي نصيب ٿيندو آهي. فرمايائين:

(قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ۝۵۸)

(سورة يونس آية ٥٨)

الله جي فضل تي الله جي رحمت تي هن قرآن تي هن ايمان جي ملڻ تي ايمان وارن کي خوش ٿيڻ کپي. اها دولت جيڪا آهي اها هُنَ کان وڏيڪ قيمتي آهي وڏيڪ ڀلي آهي جيڪا ماڻهو گڏ ڪن ٿا. ماڻهو پيسو ڏوڪڙ گڏ ڪن ٿا مال متاع گڏ ڪن ٿا. سون چاندي زيورات، پر ان کان صفا وڏيڪ ڀلي ۽ فائدي واري شيءِ جيڪا آهي دين آ ايمان آ ۽ الله جو قرآن آهي. هي اهو خزانو آهي جيڪو ڪڏهن به بيڪار نه ٿيندو. هي اهو خزانو آهي جتي دنيا جا سڀ خزانا بيڪار ٿي وڃن اتي به اهو هوندو. جاتي ٻيا سڀ خزانا ڪم ڇڏي وڃن ان جاءِ تي به جيڪا دولت ڪم ايندي اها دولت

ايمان واري آهي. قرآن واري آهي. عرض ڪيم تہ قرآن ڪريم ڀاڳ وارن کي نصيب ٿيندو آهي.

## قرآن سان تعلق

قرآن ڪريم جنهن نبي سڳوري کي مليواهو نبين جو سردار، پيغمبرن جو پڳدار. سڀ نبي ڀاڳ وارا آهن پر انهن ڀاڳوارن جو سردار محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم آهي. ڪاغذ پيا بہ ڪوڙ آهن پر هن ڪاغذ (قرآن) کي چمي ٿا ڏيون. هن پاڻي کي چو چمي ٿا ڏيون هن ڪري جو هي ڪاغذ ۽ پاڻو اهو آهي جنهن کي قرآن نصيب ٿيو آهي. جنهن تي قرآن رکيل آهي. جنهن پاڻي کي قرآن جو ياڪر آهي ان ڪاغذ کي ان پاڻي کي چمي ڪري اکين تي ٿا رکون. ڪاغذ لتاڙجن بہ ٿاڊونڊ تي بہ ڪوڙ پيا آهن ردي ۾ بہ ڪم اچن ٿا. پر قرآن ڪريم سان هن جو ڀاڳ معلوم ٿي ٿو پئي ۽ جيڪو ڪاغذ قرآن سان لڳي پيو اهو اچلڻ جهڙو ناهي پر اهو اکين تي رکڻ جهڙو ۽ چمڻ جهڙو آهي. اهو لٽو، اهو ڪاغذ ، اهو پاڻو بہ شان وارو ٿي ٿو وڃي جنهن جو قرآن سان واسطو آهي. پوءِ سڀ مخلوق مان معنائتي مخلوق انسان جيڪڏهن قرآن کي چمبڙي پئي تہ شان وارو نہ ٿيندو؟ اسانجو توهان کي سڏ تہ اهو آهي نہ... تہ اچو قرآن کي چمبڙي پئو.

نئون نياپو آئيو راڻي وٽان رات
'**فاذكروني اذكركم**' لديسون لطيف چئي،
ڪَہ نان ڏاتر ڏات ڪان پُڇن ذات، جي آيا سي اگهيا.

هتي ذات پات جو مسئلو ئي ڪونهي، هتي رنگ نسل جو مسئلو ئي ڪونهي، هتي علائقي ۽ ٻوليءَ جو فرق ڪونهي جي آيا سي اگهيا.

## قرآن ڪريم ڏي سڏ

اچ تہ سهي، قرآن ڏي هل تہ سهي، قرآن سان چمبڙ تہ سهي، قرآن ڪي مڃ تہ سهي، قرآن جي ذريعي ٻنهي جهانن ۾ عزت ملي ويندئي. اسانجو سڏ توهان ڪي قرآن ڏانهن آهي. اچو! اچو! اچو! قرآن ڪي چمبڙي پئو. جنهن قرآن ڪريم سان ڳنڍڻ لاءِ محمد پاڪ ﷺ محنت ڪئي اچو هن قرآن ڪريم ڪي چمبڙي پئو. محمد پاڪ ﷺ پنهنجي سيني صحابہ ڪرامؓ ڪي جنهن قرآن ڪريم سان ڳنڍيو، پنهنجي اهلبيت عظامؓ ڪي جنهن قرآن ڪريم سان ڳنڍيو. محمد پاڪ ﷺ سختيون سور سهي جيڪو قرآن ڪريم ٻڌايو محمد پاڪ ﷺ هجرت ڪري گهر ڇڏي تر ڇڏي، پنهنجو سڪون دنياوي قربان ڪري جنهن قرآن ڪريم ڪي ٻڌايو،

اچو ان قرآن ڪريم ڪي چمبڙي پئو.

جنهن ڪي چمبڙڻ جي ڪري ابوبڪر، صديق اڪبر بڻيو آهي.

جناب عمر، فاروق اعظم بڻيو آهي.

حضرت عثمان، ذي النورين بڻيو آهي.

حضرت علي، حيدر ڪرار شير خدا بڻيو آهي.

جنهن قرآن ڪريم کي چمبڙي، صديق، صديق بڻيا . شهيد،
شهيد بڻيا. ولي، ولي بڻيا. غوث قطب بڻيا. اڇو هن قرآن کي
چمبڙي پئو جنهن کي چمبڙڻ واري جي لاءِ جنت پڪي آهي. اسان
جو سڏ تہ قرآن ڏي اڇَو نہ.

## نبي پاڪ ﷺ جن جي صحابہ ۽ اهلبيت کي وصيت

اسان ٿا چؤن عقيدو اهو رکو جيڪو قرآن سيکاري،
اسان ٿا چؤن عمل ڪيو اهو جيڪو قرآن سيکاري
جاڏي قرآن سڏي.
اسان ٿا چؤن دڳ وٺو اهو جيڪو قرآن وٺرائي.
توهان کي اسان ڪَسُ واري پاسي سڏيو ڪڏهن آهي؟

جيڪڏهن نبي پاڪ ﷺ جن پنهنجي اهلبيت رضي الله عنهم کي
پارت ٿا ڪن پنهنجي اصحاب رضي الله عنهم کي پارت ٿا ڪن تڏهن بہ اهو
قرآن ڏنو ٿا وڃن. جيڪڏهن صحابن سڳورن رضي الله عنه پنهنجي تابعدارن
کي مڃڻ وارن کي وصيت ڪئي تڏهن بہ هن قرآن ڪريم جي.
جيڪڏهن الله جي پيارن ولين بزرگن پنهنجي مريدن کي ڏسيو
تڏهن بہ قرآن. جيڪڏهن دين وارن استادن ڏسيو پنهنجن
شاگردن کي تڏهن بہ قرآن. هائو ڪن نہ؟ (بيشڪ).
مجاهد سر ڏنا تڏهن بہ انهيءَ قرآن تي.
شهيدن قربانيون ڏنيون تہ ان قرآن تي.

جيڪڏهن عابدن زاهدن سڄي سڄي رات ٻيهي ڪري پڙهيو تڏهن بہ ان قرآن کي.

ساري ڪائنات جون سڀ نعمتون دولتون هڪ پاسي پر قرآن ڪريم سڀني کان وڏي دولت آهي سڀني کان وڏو خزانو آهي الله جو سڀني کان وڏو انعام آهي. توهانکي اسان سڏيون تہ هن قرآن ڏي ئا. توهانکي ڪَسُ کهڙي لڳي آهي؟ توهان کي ڪڏهن ڪونہ چيو سين تہ يار توهان، اسان جي ڳالهہ مڃو. توهان کي ڪڏهن ڪونہ چيو سين توهان اسان جي ابي جي ڳالهہ مڃو. توهانکي ڪڏهن ڪونہ چيو سين توهان اسانجي اڳيان جهڪو؟ توهانکي چيو آهي تہ

الله جي اڳيان جهڪو.

رسول پاڪ ﷺ جي غلامي ڪيو.

هن قرآن سان پيار رکو.

هن قرآن ڪريم کي چمبڙي پئو. قرآن پاڪ جاڏي

هلائي هلي پئو، پوءِ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار آهن. توهانکي ڪسُ وارو ڏسُ ڏنو ڪڏهن آهي؟ جيڪي توهان کي پنهنجي اڳيان جهڪائن اُهي توهان کي وڻن ٿا؟ جيڪي پنهنجي لاءِ حلال جي روزي نہ ڪمائي سگهن توهانجي لاءِ رزق ڪشادا ٿا ڪن پيا توهانکي ايترو عقل بہ ڪونهي؟ منهنجا عزيز دوستو بزرگو

پيارو! هن فتني جي دور ۾ جيڏانهن ڪيڏانهن باهه ٻري. جيڏانهن ڪيڏانهن مصيبتون آهن جيڏانهن ڪيڏانهن آفتون آهن. جيڏانهن ڪيڏانهن گمراهي آهي. جيڏانهن ڪيڏانهن ڪفر وات ڦاڙيو ويٺو آهي. انهيءَ مهل ۾ جي بچاءَ وارو رستو آهي ته الله جو قرآن آهي. اچو قرآن ڪريم جي ڇانوَ ۾. اچو پڙهو، قرآن ڪريم کي سکو، قرآن ڪريم تي هلو جيئن قرآن ڪريم هلائيوَ. جنهن سان پيار رکرائي تنهن سان پيار رکو. جنهن کان نفرت ڏياريوَ تنهن کان نفرت رکو. جيڪو ڏڳ وٺرائيوَ اهو ڏڳ وٺو.

هي اهو ڏڳ هوندو جيڪو ڏڳ محمد پاڪ عليه الصلوٰة والسلام پاڻ وٺيو ٿا هلن. اهو ڏڳ اٿوَ جيڪو محمد پاڪ عليه الصلوٰة والسلام پنهنجي صحابهؓ کي هلائيو اهو ڏڳ اٿوَ جيڪو محمد پاڪ عليه الصلوٰة والسلام پنهنجي اهلبيت کي هلائيو. اهو ڏڳ اٿوَ جنهن تي غوث، قطب، الله جا سڀ ولي هليا. مونکي ڏسيو ته سهي، قرآن ڪريم کان پري ٿي ڪري ڪو الله وٽ عزت وارو بڻيو به آهي ڇا؟ ڪو رسول پاڪ ﷺ جو پيارو بڻيو به آهي ڇا؟

# فرق ڪندڙ ڪتاب

جيڪي آيتون مون توهانجي سامهون تلاوت ڪيون سورة الفرقان جون آهن. انهن ۾ قرآن ڪريم جو نالو فرقان ڏسيو ويو آهي.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرَا ۙ (الفرقان آية ١)

فرقان معنيٰ نکير ڪندڙ. ڌار ڌار ڪندڙ فرق ڪندڙ.

قرآن ڪريم اچي ڪري. . . .

ڀاڳوارن ۽ نڀاڳن جو فرق ڪيو.

جنت وارن ۽ جهنم وارن جو فرق ڪيو.

حق وارن ۽ ناحق وارن ۾ فرق ڪيو.

سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪيو.

سمجهوٽا ڪونہ ٿا سمجهو؟ (سمجهون ٿا سائين). ابا رستي تي هلڻ واري کي اوندهہ وٽندي سوجهرو؟ (سوجهرو) اوندهہ فرق نہ ڪندي آهي سوجهرو فرق ڪندو آهي. اوندهہ ۾ جهڙو صاف رستو تهڙو ڪنڊن وارو. خبر تڏهن پوندي جڏهن ڪنڊن ۾ وجي ڦاسندو. فرمايائين:

قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۙ اَمْ هَلْ تَسْتَوِى الظُّلُمٰتُ وَالنُّوْرُ

(الرعد آية ١٦)

فرمايائين تہ ڀلا اهو ٻڌايو تہ انڌو ۽ سڄو ٻئي هڪجهڙا ٿيندا ڇا؟ اونداهي ۽ سوجهرو هڪجهڙا ٿيندا ڇا؟ (نہ) نابين وٽ فرق

ڪونهي. انڌي وٽ فرق ڪونهي. (ٻن رنگن وارو) ڪپڙو هي ڏجيس ۽ هي ڏجيس انڌي وٽ فرق آهي؟ (نہ سائين) ۽ سڄي وٽ فرق آهي. اونده ۾فرق ڪونهي سوجهري ۾ فرق آهي. انڌي وٽ فرق ڪونهي سڄي وٽ فرق آهي. ظالم وٽ فرق ڪونهي انصاف واري وٽ ۽ عادل وٽ فرق آهي. ابا جهڙو چور تهڙو پيا ڳيو، ٻڌُ ٻنهي کي، اهو ظالم ڪِنَ عادل؟ (ظالم).

توهان چيا ٺا چؤ!

چور ۽ پيا ڳئي ۾ فرق هجي نہ هجي؟

ظالم ۽ مظلوم ۾ فرق هجي نہ هجي؟

حق واري ۽ ناحق واري ۾ فرق هجي نہ هجي؟

هي جو وٺ وٺان آهي تہ نہ بابا اسان فرق نہ ڪندا آهيون. معنيٰ تون گند بہ کائيندي گُلقند بہ کائيندي؟ نہ بابا اسان فرق نہ ڪندا سين. معنيٰ تون ٻڪر بہ کائيندي ڪتو بہ کائيندي؟ اهو فرق نہ ڪندي؟ اسان فرق نہ ڪندا آهيون، ڪهڙو تون چڱائي ڪندو آهين جو فرق نہ ڪندو آهين. معنيٰ تنهنجي لاءِ....

حلال حرام هڪ...

سچ ڪوڙ هڪ...

شرڪ توحيد هڪ...

ڪفر اسلام هڪ...

هينيان مٿان... جاٽان ڪاٽان وٽئي پيو ڪاءُ پيءُ... چتو ٿيو آهين دماغ خراب ٿيو اٿئي... فرق نہ ڪندا آهيون. هي وري

پنهنجي تعريف ٿو ڪري تہ فرق نہ ڪندا آهيون. ڳالهہ اها توهان ڪي سمجهہ ۾ آئي نہ آئي؟ (آئي سائين)

هجي نہ هجي صحيح ۽ غلط ۾ فرق؟ (هجي)

سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق؟ (هجي)

حق ۽ باطل ۾ فرق؟ (هجي)

ظالم ۽ مظلوم ۾ فرق؟ (هجي)

توحيد ۽ شرڪ ۾ فرق؟ (هجي)

اسلام ۽ ڪفر ۾ فرق؟ (هجي)

سنت ۽ بدعت ۾ فرق؟ (هجي) چؤ؟ (هجي)

## دل جي بيماري

فرق نہ ڪيون تہ بيماري آهي. ابا هڪڙي ڪي جو خوشبوءِ ۽ بدبوءِ ۾ فرق نہ پوي بيمار آهي ڪن ناهي؟ (آهي) جنهن ڪي ڪوڙي ۽ مٺي جي خبر نہ پوي؟ (بيماري آهي) هي درست آهي. جيئن اڇي ڪاري جي خبر نہ پوي اها اکين جي بيماري آهي. جيڪڏهن ڪوڙي مٺي جي خبر نہ پوي اها زبان جي بيماري آهي. جيڪڏهن بدبوءِ خوشبوءِ جي خبر نہ پوي تہ اها نڪ جي بيماري آهي. جيڪڏهن حق ۽ باطل جي خبر نہ پوي تہ اها دل جي بيماري آهي.

فرمايائين: فی قلوبهم مرض.

جيڪي هِنن سان بہ پورا، هُنن سان بہ پورا. هوندا اٿوَ ڪي ڪي. انهن ڪي لڳي تہ اسان ڏاڍا ڀلا آهيون. فرمايائين

فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۢ ۙ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ۝۱۰ (البقرة آية ١٠)

" فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ " ڇٿا لفظ آهن ناهن؟ انهن جي دلين ۾ بيماري آهي. اهي دل جا بيمار اٿئي. پوءِ خبر اٿوَ دل جي بيمارين لاءِ ڪيڏو مسئلو نازڪ آهي. هڪڙي هيءَ ظاهري دل جي بيماري اٿئي. ٻي هوءَ باطني دل جي بيماري اٿئي. هيءَ ظاهري دل جي بيمارڻي پئي تہ جان ويندئي. ۽ هوءَ باطني دل جي بيماري ٿي پئي تہ ايمان ويندئي. قرآن ڪريم اهو فرق سمجهائڻ آيو اٿئي. هي تنهنجي زبان صحيح تڏهن آهي جڏهن انکي ڪوڙي مٺي جي خبر پوي. تنهنجو نڪ صحيح تڏهن آهي جڏهن انکي خوشبوء بدبوءِ جي خبر پوي. تنهنجو جسم صحيح تڏهن آهي جڏهن انکي ٿڌي ۽ ڪوسي جي خبر پوي. تنهنجي دل صحيح تڏهن آهي جڏهن انکي حق ۽ باطل جي خبر پوي. تنهنجو دماغ صحيح تڏهن آهي جڏهن توکي حق ۽ باطل جي سوچ هجي. جي حق ۽ باطل جي سوچ ناهي تہ تنهنجو دماغ صحيح ڪونهي. دل صحيح ڪونهي. الله تعاليٰ سيني جي دل دماغ کي صحت عطا فرمائي. (آمين)

## فرقا فرقا نہ ٿيو

هاڻي توهان ڇاڻا سمجهو فرق هئڻ پلي ڳالھ آهي يا نہ هئڻ پلي ڳالھ آهي؟ مسلمان پاڻ ۾ فرقا فرقا نہ ٿيو. جيڪي قرآن کي مڃڻ وارا آهيو پاڻ ۾ ڌار ڌار نہ ٿيو. جيڪي محمد ڪريم عليه الصلوٰة والسلام کي مڃڻ وارا آهيو توهان پاڻ ۾ ڌار ڌار نہ ٿيو. جيڪي رسول ڪريم ﷺ تي نازل ٿيل قرآن کي مڃڻ وارا آهيو پاڻ ۾ ڌار ڌار نہ

ٿيو. محمد ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي صحابہ ڪرامؓ ڪي ميڄڻ وارا آهيو پاڻ ۾ ڏار ڏار نہ ٿيو. رسول پاڪ ﷺ جي اهلبيتؓ ڪي ميڄڻ وارا آهيو پاڻ ۾ ڏار ڏارنہ ٿيو. الله جي ولين ڪي ميڄڻ وارا آهيو پاڻ ۾ ڏار ڏار نہ ٿيو.

مسلمانو پاڻ ۾ نہ وڙهو.

توهان ٻني ٻاري تي نہ وڙهو.

توهان پنهنجي زبان جي ڪري نہ وڙهو.

توهان پنهنجي علائقي جي ڪري نہ وڙهو.

سياسي پارٽين ۾ تقسيم ٿي ڪري نہ وڙهو.

ٻيا جهيڙا نہ ڪيو.

ايمان وارا بي ايمانن ڪان ڌار ٿيو.

حق وارا، ناحق وارن ڪان ڌار ٿيو.

ڀلا توهان ساڌ (ڀاڳيا) آهيو تہ چورن ڪان تہ ڌار ٿيو،

پوءِ جي غيرتمند آهيو تہ بيغيرتن ڪان ڌار ٿيو.

تَبٰرَكَ الَّذِیْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰی عَبْدِهٖ لِیَكُوْنَ لِلْعٰلَمِیْنَ نَذِیْرَا ۙ①

(الفرقان آيت ۱)

نزل الفرقان، قرآن ڪريم جو نالو فرقان آهي. ڊاڪٽر تنهنجو علاج ڪندو آهي تہ تنهنجي اڪ ڪي اڳي ڪاري جي خبر پوي. ڊاڪٽر صاحب علاج ٿو ڪري تہ تنهنجي زبان ڪي مٺي ڪوڙي جي خبر پوي. نڪ جو ڊاڪٽر علاج ٿو ڪري تہ توڪي خوشبوءِ بدبوءِ، ڏپ ۽ سرهاڻ جي خبر پوي. فرق معلوم ٿئي. قرآن

ڪريم تنهنجي دل جو علاج ڪندو اٿئي تہ توکي حق ۽ ناحق جي خبر پوي.

## چريو ڪير؟

جڏهن هنن شين ۾ ڪوئي چوي تہ ...نہ بابا نہ نہ...

مونکي ڪائي خبر نہ ٿي پوي. خوشبوء بدبوء ہِڪئي هڪ شئي آهي. معنيٰ سڀ برابر... چريو چئبو سياڻو چئبو؟ (چريو). پوءِ جيڪو خوشبوءِ ۽ بدبوء کي برابر چوي مڙئي خير آهي. اهو چريو آهي. اڇي ڪاري کي هڪجهڙو چوي اهو چريو آهي. چور ۽ ساڌ کي هڪ جهڙو چوي اهو چريو آهي. گند ۽ گلڪند کي هڪ جهڙو چوي اهو چريو آهي. حلال ۽ حرام کي هڪ جهڙو چوي اهو چريو آهي. ڪتي ۽ ٻڪر کي هڪجهڙو چوي اهو چريو آهي تہ پوءِ جيڪو ڪافر ۽ مسلمان کي هڪجهڙو چوي؟ جيڪو رسول پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي اهلبيت عظام رضي الله عنهم جي ادب ڪرڻ وارن ۽ گستاخي ڪرڻ وارن کي هڪجهڙو چوي. رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جي صحابہؓ جي غلامن کي ۽ دشمنن کي هڪجهڙو چوي تہ پوءِ اهو چريو ناهي ٻيو ڇاهي؟ (بيشڪ)

## تابعداري جي لائق ڪير؟

جان جي حفاظت ڪرڻي آهي تہ هن فرق کي سنڀالڻو پوندو. جيڪڏهن ايمان جي حفاظت ڪرڻي آهي تہ هن فرق کي سنڀالڻو

پوندو. جيڪو جج ڏوهاريءَ کي ڏوهاري نہ چوي. ڇا چوندؤ! جج ڀلو آهي برو آهي؟ ڀلو آهي خراب آهي؟ ڳالهائيو! (خراب آهي) جيڪو جج ڏوهاري کي ڏوهاري نہ چوي اهو جج ڀلو خراب؟ (خراب) توهان چوندؤ ان ڏي فيصلو وجي؟ اهو عدالت ۾ ويهارڻ جي لائق آهي؟ جيڪو زهر کي زهر نہ چوي اهو حڪيم ڀلو آهي ڪِنَ خراب آهي؟جيڪو طاقت جي دوا کي ۽ زهر کي هڪجهڙو چوي اهو حڪيم آهي ڪم جو؟ ڀلا انکي دواخاني تي علاج لاءِ ويهارجي؟ (نہ سائين) جيڪو چور کي چور نہ چوي، ساڌ کي ساڌ نہ چوي اهو وڏيرپ جي لائق ناهي، ائين جيڪو ڏوهاري کي ڏوهاري نہ چوي... سزا جي حقدار کي سزا جو حقدار نہ چوي، اهو جج عدالت ۾ ويهارڻ جي لائق ناهي. جيڪو زهر کي زهر نہ چوي اهو حڪيم دواخاني تي ويهارڻ جي لائق ناهي. پنهنجي دل تي هٿ رک پوءِ.....

جيڪو ڪفر کي ڪفر نہ چوي ...

حرام کي حرام نہ چوي.....

اهو ماڻهو نبي سائين ﷺ جن جي منبر تي ويهارڻ جي لائق آهي؟

عالم سڏرائڻ جي لائق آهي؟

انجي عزت عالمن واري ڪجي اهو لائق آهي؟

انجي تابعداري ڪجي اهو لائق آهي؟

جيئن هُن ڏي دوا لاءِ وڃڻ جائز ناهي تہ هِن ڏي وري تابعداري ۽ پيروي لاءِ وڃڻ جائز ڪاٿي آهي.
عالم پنهنجي جاءِ تي، جي محمد ﷺ جو صحيح امتي آهين تہ پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي پاڻ انصاف ڪر.....
جيڪو حضور عليه الصلوٰة والسلام جي صحابہ رضکرام تي تبرا ڪري.
حضور ﷺ جي يارن جون گلائون ڪري.
حضور عليه الصلوٰة والسلام جي اهلبيت کي گاريون ڏئي.
محمد عليه الصلوٰة والسلام جي پاڪ بيبين تي حملا ڪري.
پوءِ جيڪو ان سان پيار ڪري.... مولويت تہ پنهنجي جاءِ تي.... غوثيت، قطبيت، ولايت پنهنجي جاءِ تي... شان مان پنهنجي جاءِ تي.... رڳو پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي انصاف جي نظر سان تون فيصلو ڪر محمد ﷺ جي امتي سڏرائڻ جي لائق آهي؟

## الله وارن کي نفرت ڪنهن ڪان؟

منهنجا دوستو! پنهنجي ايمان جو ذائقو سنڀاليو. پنهنجي ايماني طبيعت ٺيڪ رکو.
جي توهانکي ڪوڙائڻ نہ ٿي وڻي
جي توهانکي ڏپ نٿي وڻي
تہ ڪفر وارو گند ڪيئن ٿو وڻي؟

دنيا ۾ ايڏي ڏپ ڪان نفرت نہ هوندي آهي الله وارن ڪي جيڏي ڪفر ڪان هوندي آهي... دنيا ۾ ڪنهن غلاظت ڪان ايڏي نفرت نہ هوندي آهي الله وارن ڪي جيڏي ڪفر ڪان هوندي آهي. هو چوندا آهن موت قبول آهي پر ڪفر قبول ناهي. ائين نہ ؟؟؟ هي جو گهر ڇڏيو پيا وڃن... هي جو سر قربان پيا ڪن... هي جو ٻچا پيا ڪهائن هي جو پنهنجون ملڪيتون سڀ قربان ڪري هجرت ڪيو پيا وڃن... ڇا جي ڪري؟ انجي ڪري تہ ڪفر قبول ناهي... هان بابا؟ ڪفر قبول ناهي. ڪفر ايڏو ڪوڙو آهي... ايڏو بدبودار آهي... ڪفر ايڏو گندو آهي... قرآن ڪريم اهو فرق سمجهائڻ آيو اٿئي... اهو فرق سمجهي پئو...

ايمان وارو ٿي پئو... بي ايماني ڪان نفرت ڪر

غيرت وارو ٿي پئو...بيغيرتي ڪان نفرت ڪر

حق وارو ٿي پئو... باطل ڪان نفرت ڪر

سنت وارو ٿي پئو... بدعت ڪان نفرت ڪر

توحيد وارو ٿي پئو... شرڪ ڪان نفرت ڪر

اسلام وارو ٿي پئو... ڪفر ڪان نفرت ڪر

ڪڏهن پلجي بہ نہ چئہ تہ اسان وٽ فرق ناهي. فرق ناهي تہ بيماري آهي. فرق ڪيو. سڃاڻيو پوءِ پلي شيءِ ڪي وٺو. بري شئي ڪي ڇڏي ڏيو. جنهن ڪي پلي ۽ بري جي خبر نہ پوي اهو ڪٿيندو هارائيندو؟

## سنئي ۽ سادي جو فرق

دنيا ۾ جيڪا شئي وڻندا آهيو ڏسندا آهيو تہ: يار هيءَ سادي آهي سنئي آهي. ۽ جي خبر نہ پوي تہ خبر واري کي وٺي ويندا آهيو. هان ابا؟ رڳو بوٽ وٺڻو آهي تڏهن بہ يار مونکي خبر نٿي پوي توکي خبر پوندي هل تہ وٺي اچؤن. معنيٰ سنئيءِ سادي جو فرق هجي. بوٽ ٿا وٺو. ڪپڙا ٿا وٺو سامان سڀ ٿا وٺوچؤ ٿا اتي يار فرق جي خبر نٿي پوي ڪنهن خبر واري کي وٺي وڃان اتي فرق فرق هجي چؤ ٿا نہ؟ پوءِ هتي ڇونٿا سوچو تہ حق ۽ باطل جي فرق جي خبر پوڻ ڪپي. جي خبر نٿي پوئي تہ ڪوشش ڪر. سک تہ ڪيئن خبر پوي.

## اصل ۽ نقل ۾ فرق

جيئن جعلي مال وڪڻڻ وارا ڪيئي ٿا گهمن. آهن نہ بابا؟ جعلي سامان وڪڻڻ وارا ڪيئي ٿا گهمن. نقلي سامان وڪڻڻ وارا ڪيئي ٿا گهمن ائين نقلي ڪلمي وارا نقلي بانگن وارا جعلي سامان وارا جعلي دين وارا جعلي عقيدي وارا ڪيئي ٿا گهمن. جي نقلي دوا کاڌئي تہ جان جو خطرو اٿئي پر جي نقلي دين ورتئي تہ ايمان جو خطرو اٿئي (بيشڪ). ڪمپني وارا ڏسيندا آهن. بابا هيءَ نشاني اَٿوَ اصلي. هان هي نشاني آهي اصلي محمد ڪريم ﷺ ڏسي ڇڏيو آهي اصلي نشاني اٿوَ هي مان پاڻ جن کي

هلايان ٿو جن کي ڪلمون مان پاڻ پڙهايو جن کي نماز مان پاڻ سيکاري. جن کي دين مان پاڻ سيکاريو دنيا ۾ قيادت مان پاڻ ڪئي مانِ. اصليءَ جي نشاني منهنجا اهي صحابہؓ ڪرام اٿوَ.(سبحان الله)

## محمدي ﷺ دين صحابہ وارو

محمدي ڪلمو اهو آهي جيڪو صحابہؓ ڪرام پڙهيو
محمدي بانگ اها آهي جيڪا صحابہؓ ڪرام پڙهي
محمدي نماز اها جيڪا صحابہؓ ڪرام پڙهي
محمدي دين اهو آهي جنهن تي صحابہؓ ڪرام هليا.
رسول الله ﷺ جا اهلبيت هليا.

اچو توهان کي اسان ان پاسي ٿا سڏيون. جيئن نقلي شئي کان توهان بچو ٿا نقلي ڪپڙي کان توهان بچو ٿا... نقلي ٿانوَن کان توهان بچو ٿا... بوٽ نقلي کان توهان بچو ٿا... نقلي زيورات کان بچو ٿا... تيئن،

نقلي دين کان بچو
نقلي ڪلمي کان بچو
نقلي ۽ جڙتو بانگ کان بچو...
اچو محمدي بانگ ڏي
محمدي ڪلمي ڏي

محمدي دين ڏي

محمدي طريقي ڏي

اچو محمدي سنت ڏي

اچو جنت ڏي اچو...

## عقيدو قرآن وارو

سچاڻ جا طريقا ڏسيندا اٿوَ. توهانکي سچاڻ جو آسان طريقو ٿا ڏسيون جيڪڏهن توهانکي عقيدو ايمان ڪامل ڪرڻو آهي. اسان طريقو ٿا ڏسيون تہ هي قرآن اهو آهي جنهن ۾ ذري برابر نہ فرق آيو ۽ نہ ڪڏهن اچڻو ئي آهي. اسان توهانکي عقيدو ٻڌائيندا سين... هيئن ڪولي رکندا سين... تہ ابا هيءُ ڏس لکيو پيو آهي.

إِنَّ إِلَٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ (صٰفٰت آيت٤)

هي لکيو پيو آهي ڏس!

قُلْ هُوَ اللّٰهُ أَحَدٌ

الله اڪيلو آهي

جي توکي چيو سين محمد پاڪ صلي الله عليہ وسلم

"الله" جو رسول آهي تہ

مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰهِ (الفتح آيت٢٩)

هن قرآن مان ڪولي ڏيکاريندا سين.

جيڪڏهن چيو سين تہ الله ڪانسواءِ عالم الغيب ڪوئي ڪونهي تہ قرآن مان ڪولي ڏيڪاريندا سين تہ.

قُلْ لَّا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الْغَيْبَ اِلَّا اللّٰهُ (النمل آيت ٦٥)

جيڪڏهن هر جاءِ تي حاضر ناظر هڪ الله چيو سين تہ توڪي قرآن مان ڪولي ڏيڪاريندا سين تہ:

وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ (الحديد آيت ٤)

جيڪڏهن محمد پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي صحابينؓ سڀورن مهاجرين انصارن سڀني کي جنتي چيو سين تہ توڪي قرآن ڪولي ڏيڪاريندا سين.

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ

رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ (توبہ آيت١٠٠)

جيڪڏهن توڪي محمد پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي پاڪ بيبين اهلبيت جي پاڪائي جي ڳالھ ڪئين سين تہ ازواج مطهرات پاڪ آهن تہ توڪي قرآن ڪولي ڏيڪاريندا سين.

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ

بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٣٢﴾ وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ

رَسُوْلَهٗ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿ۚ۳۳﴾ (احزاب آيت ٣٢-٣٣)

جي چيو سين تہ محمد پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي صحابہؓ ڪرام ڪان سڙڻ وارو ڪافر آهي تہ توڪي قرآن ڪولي ڏيڪاريندا سين.

لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ (فتح آيت٢٩)

جيڪي چون تہ نہ! نبي پاڪ ﷺ جا امتي بہ سڌرائن وري چون تہ فلاڻا بہ پٽ ڏيندا آهن فلاڻا بہ نياڻيون ڏيندا آهن. انهن کي چؤ ...اچ ڪول... قرآن رک... جيئن اسان توڪي چيوسين پيو ڪو مَک بہ ناهي نٺو سگهي. پٺ تہ پنهنجي جاءِ تي آهي توڪي قرآن ڪولي ڏيڪاريندا سين.

اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّ لَوِ اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَ اِنْ يَّسْلُبْهُمُ الذُّبَابُ شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ وَ الْمَطْلُوْبُ ﴿۷۳﴾ (حج آيت ٧٣)

جيڪي چون ٿا تہ... نہ نہ ... پيا بہ پٽ ناهي ڏيندا آهن انهن کي چؤ اچ تہ پڇون قرآن ڪان... جي اسان توڪي چيو سين پٽ، ڌيون ڏيڻ وارو يا صفا سِڪائڻ وارو رڳو الله آهي قرآن ڪولي ڏيڪاريندا سين.

يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ﴿ۙ۴۹﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّ اِنَاثًا ۚ وَ يَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ (شوريٰ آيت ٤٩)

جي اسان توکي چيو سين محمد ﷺ الله جو رسول آهي تہ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ قرآن ۾ ڏيکاريندا سين چيو سين محمد پاڪ ﷺ خاتم النبيين آهي تہ قرآن کولي ڏيکاڀندا سين.

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (احزاب آيت ٤٠)

هاڻي جيڪو چوي محمد پاڪ ﷺ کانپوءِ پيو ڪو نبي ٿيڻو آهي تہ ان مرزائي کي چؤ اچ کول قرآن تہ، پڇئون قرآن کان.

## چڱا يار چڱن جا برا يار برن جا

اسان توکي چيو سين محمد پاڪ جا يار جنتي آهن انهن جي تعريف ڪجي الله انهن کان راضي آهي. تہ توکي قرآن کولي ڏيکاريو سين.

جيڪو چوي محمد پاڪ ﷺ جي سنگت خراب آهي تہ انکي چؤ آءُ پڇؤن قرآن کان. جي عقل هجئي تہ ڳالھ ائين صاف آهي ادا چڱا يار چڱن جا بُرا يار برن جا... هائو ڪن نہ؟...

مان ٿو چوان تہ اهي مؤمن پڪا هئا تہ ... " اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا " قرآن کولي ڏيکاريندم.

مان ٿو چوان تہ اهي جنتي آهن. " وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ " قرآن کولي ڏيکاريندم.

هاڻي جيڪو چوي محمد پاڪ جا يار خراب آهن. ناپاڪ آهن. نعوذباالله. انکي چؤ تہ اچ تہ پڇؤن قرآن کان. قرآن ڪريم فرق ڪرڻ آيو آهي. اچو توهانکي اسان دهلن ڏي نٿا سڏيون... شرنائين ڏي نٿا سڏيون... پنگ ڏي نٿا سڏيون... آفيم ڏي نٿا سڏيون...

## ايمان جا پهريدار

اسان توهان جي غيرت جا بہ پهريدار آهيون...

توهانجي صحت جا بہ پهريدار آهيون...

توهانجي عقل جا بہ پهريدار آهيون...

توهان جي ايمان جا بہ پهريدار آهيون...

اسان توهانکي چئون ٿا پنهنجين نياڻين کي پردو ڪرايو... چا ٿا چئون پنهنجن نياڻين کي؟ (پردو ڪرايو). جيڪو چوي ١١ راتيون پير سيوهڻ تي ٽڪائي اچ... اهو تنهنجي غيرت جو سڄڻ آهي؟ جيڪو چوي سينگاري سينگاري جلوس ۾ چڙي ڏيس... مڙسن سان گهمندي وتي اهو تنهنجي غيرت جو سڄڻ آهي؟ اسان چئون ٿا مرشد بہ منهن نہ پوي.... سمجهو ٿا ڳالھ کي؟... اسان چئون ٿا مرشد بہ منهن نہ پئي... انجي بہ نصيحت پهچاءِ پيغام پهچاءِ حق جي ڳالھ پهچاءِ انکان بہ پردو ڪر... جيڪو چوي مرشد تہ پنهنجي جاءِ تي پر ملنگ بہ منهن پوندا وتنس... اهو تنهنجي غيرت جو سڄڻ آهي؟... تنهنجي

عقل جو سڄڻ آهي؟... اسان تو ڪي چئون ٿا تہ سگريٽ جو سوٽو بہ نہ هٽجانءِ... متان مٿي ڪي چڪر اچي وڃئي متان ڳالھ سمجھي نہ سگھين. جيڪو چوي نہ بابا صبح سان نيراني اگم قو...ہ...او...ہ... اهو تنهنجو سڄڻ آهي؟ تنهنجي عقل جو سڄڻ آهي... جيڪو چوئي نيراني ڪونڊو چاڙھ... سلفي تہ وسامي ئي نہ... ملان ڪي ڪهڙي خبر. تو ڪي ڏاڍي خبر آهي....

(**لطيفو**)

(هڪ مواليءَ ڪي ٽانگي وارو) پري ٿجان پري... او...پري پري... ٽانگو ويو هي پوئتي ٿي دروازي ڪي ٽيڪ ڏئي بيهي رهيو. ويو گھُتجي دڪاندار جو اندران گھر ڪان دروازو هيو هي اتي بيٺي بيٺي وڃي ويو... ويچارو اٿيو جو دڪاندار اندران اچي در ڪوليائين... هي تہ ٽيڪ ڏئي بيٺو هيو نہ... ٽانگو تہ ويو لنگھي هن ڪي خيال اچي تہ پري ٿئي نہ.هاٽي اندران جو در ڪوليائين قَهَ اچي ڪيائين... پٺان ڪار اٿئي ڪا هتي بہ هٽي وئين. هتي بہ هٽي وئين. ٽانگي واري ڪي پيو چوي جيڪو ڪلھ ويو هو گذري. پوءِ حق ۽ باطل جي خبر پوندي؟ سڄڻ ۽ دشمن سڃاڻيندو؟ اسان تنهنجي عقل جا بہ پهريدار آهيون. تنهنجا سڄڻ آهيون. تنهنجي غيرت جا بہ پهريدار آهيون. تنهنجي صحت جا بہ پهريدار آهيون. اهڙا اٿوَ حال هيروئنين جا... ويچارا نالين ۾ ڪرندا وتندا آهن. هت هت هت ڪا خبر ڪونهي ڪو حال

ڪونهي. اسان توهان کي چئون ٿا عزت سان هجو عقل سان هجو... مڪيل ڇهڪيل هجو... سنا سهڻا هجو... صحت مند هجو... عقلمند هجو... پرڪي ميجو... صحيح ميجو... غيرت سان هجو... ايمان سان هجو... پوءِ ڏس تہ سهي اسان ڪنهن بري پاسي سڏ ڪيو آهي؟ ڪنهن ڪس واري پاسي سڏ ڪيو آهي؟ اسان ٿا چئون الله جي در تي جهڪو. ڪنهن جي در تي ابا؟ (الله جي).... اچ الله جي در تي...

وَّ اَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿١٨﴾ (جن آيت١٨)

فِيْ بُيُوْتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنْ تُرْفَعَ وَ يُذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ ﴿٣٦﴾ رِجَالٌ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ (النور آيت ٣٦-٣٧)

اسان جو سڏ مسجد ڏي اٿئي. پاڪ صاف ٿي. وضوءِ ڪر مسجد ڏي آءُ... رب جي در تي جهڪ...

محڪم ٿي جن مسجد جو دائم جهليو در
انجي عبداللطيف چئي پشتي پيغمبر
سي ئي مرڪن مرجن جن جو عشق الله سان

## علي سائين جي پُٽن جانالا

اسان جو سڏ الله ڏي اٿئي.

الله جي گهر ڏي اٿئي.

الله جي ڪلام ڏي اٿئي.

الله جي رسول ڏي اٿئي.
الله وارن ڏي اٿئي.
توڪي جو اسان چئون ٿا هنن جي عزت مڃ تہ انهن جي ٿا چئون جن جي عزت مڃي ڪري حضرت علي سائين پنهنجي ٻچن تي نالا ابوبڪر، عمر، عثمان رکيا آهن. حضرت علي سائين پنهنجي ٻچن تي نالو ڪوندو رکيو آهي؟ ڏندو؟ ڪوندو؟ ڪرڙ؟ ڦوٽو؟ هي جي ڪير؟ ڦوٽو فقير... هي جي ڪير؟ ڪرڙ فقير... هي جي ڪير؟ اڪُ فقير... اسان ڏي هڪڙي جو نالو خراب ٿيو اڳ ۾ نالو عمر هجيس. آيو جو هنن جي سنگت ۾ چيائين مان عمر ناهيان. مونکي گهوڙو سڏيندا آهن. ڇا؟ گهوڙو... گهوڙو ڇا... گڏھ ڇا... خنزير ڇا... جيڪو وٽئي سو سڏراءِ. جڏهن عمر ڪان ٽٽي تہ ائين نہ هوندي پوءِ ڇا هوندي؟
اڇو الله جي قرآن ڪي چنبڙي پئو... حق ۽ باطل جو فرق سمجهو... ابا پنهنجي ڪس ۽ ڪسر ڪي سڃاڻيو... جنت ۽ جهنم جي رستي ڪي ڌار ڌار سڃاڻيو... حق واري راھ ڪي وٺو. باطل واري ڪان... ڪوڙ واري ڪان... ناحق واري جي راھ ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪيو.
الله تعاليٰ توهان ۽ اسان سڀني ڪي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي نصيب فرمائي (آمين) برائي ڪان بچائي. (آمين).

وَاٰخِرُ دَعْوٰانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ۔